
رَضِیَ اللہُ عنہا

# سیدہ کائنات

# جا 3 معمولات

20-February 2026



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

**20 فيبروري 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 2 رمضان ڪريم 1447ھ)**

**تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# سيده ڪائنات رضي الله عنها جا 3 معمولات

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- … **سيده پاڪ مصطفيٰ ڪريم جو آئينو آهن**
- … **ماهِ رمضان سخاوت جو مهينو آهي**
- … **سيده پاڪ ۽ ڪثرتِ تلاوت**
- … **شب بيداري ڪرڻ وارن جي لاءِ انعامات**

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن عصر جي نماز ادا ڪرڻ ڪان پوءِ پنهنجي جاءِ تان اٿڻ ڪان پهريان **80** ڀيرا هي درود پاڪ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ، وَعَلٰى اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَ سَلِّمْ تَسْلِيْمًا، پڙهيو ان جا **80** سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن ۽ سندس اعمالنامي ۾ 80 سالن جي عبادت لکي ويندي آهي.[(1)]

کاسہ عمل کا خالی تھا ایسا کرم ہوا | جنت میں لے گئی مجھے عادت درود کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي).[(2)]
اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيانَ ٻڌڻ ڪان پهريان ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّهُ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... افضل الصلوات للنبہانی، صفحہ:25۔
2... بخاری، کتَاب بَدءِ الْوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اي عاشقانِ رسول! توهان سيني کي تمام گهڻيون مبارڪون هجن...! هڪ ڀيرو ٻيهر الله پاڪ جي ڪرم سان، اُن جي فضل ۽ احسان سان **رمضان ڪريم** تشريف کڻي آيو آهي-

يقيناً خوشنصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي ظاهري ۽ باطني آدابن سان روزا رکي، خوش دلي سان 20 رڪعتون تراويحون پڙهي، سحري ۽ افطاري جون برڪتون لُٽي **رمضان ڪريم** جون بهارون حاصل ڪري رهيا آهن ۽ انتهائي محروم ۽ بدقسمت آهن اهي ماڻهو جيڪي هنن مبارڪ گهڙين ۾ به نيڪين کان محروم آهن، روزا نہ ٿا رکن، تراويحون نہ ٿا پڙهن يا پڙهندا بہ آهن تہ مڪمل نہ ٿا پڙهن، بخشش، مغفرت ۽ رحمت واري هن عظيم الشان مهيني ۾ بہ الله پاڪ ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضا وارا ڪم ڪرڻ کان پري آهن- ٻنهي جهانن جي سلطان، شهنشاهِ ڪون ومڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي اُمت ايسيتائين ذليل ۽ رُسوا نہ ٿيندي جيستائين اُها ماهِ رمضان جو حق ادا ڪندي رهندي- عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **رمضان ڪريم** جو حق ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ رسوا ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايو ويو: هن مهيني ۾ انهن جو حرام ڪم ڪرڻ- پوءِ فرمايائون: جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪئي يا شراب پيتو تہ ايندڙ رمضان تائين الله پاڪ ۽ جيترا آسماني فرشتا آهن سيئي ان تي لعنت ڪندا رهندا، جيڪڏهن اُهو شخص ايندڙ رمضان حاصل ڪرڻ کان پهريان ئي مري ويو تہ ان وٽ ڪا بہ اهڙي نيڪي نہ هوندي جيڪا ان کي جهنم جي باهہ کان بچائي سگهي- **تنهنڪري توهان رمضان شريف جي معاملي ۾ الله کان ڊڄو، ڇوته جيئن هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نيڪين جو ثواب وڌايو ويندو آهي، ايئن ئي گناهن جو بہ معاملو آهي يعني گناهن جو عذاب بہ وڌايو ويندو آهي-**(1)

الله پاڪ اسان سيني کي ماهِ رمضان سهڻي انداز ۾ ❁رضاءِ الٰهي وارا ڪم ڪندي ❁ هڪ هڪ گهڙيءَ جو قدر ڪندي ❁ نيڪين ۾ ❁ عبادتن ۾ ❁ ذڪر ۽ فڪر ۾ ❁ قبر کي ياد ڪندي ❁ مديني جي يادن کي پنهنجي دل

1... معجم صغير، جلد:9، صفحه:60، حديث:1488-

۾ ساندييندي ۞ حسنِ اخلاق جو مظاهرو ڪندي ۞ والدين جو ادب ڪندي ۞ عزيزن ۽ رشتيدارن سان ڀلائي ڪندي ۞ پاڙيسرين جا حق ادا ڪندي ۞ غريبن جي مدد ڪندي گذارڻ ۽ فيضانِ رمضان سان خوب جهوليون ڀرڻ جي توفيق عطا فرمائي- اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائِل ہوں
مَہِ رمضان کے صدقے میں فرما دے کرم مولیٰ! (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! **3 رمضان ڪريم** تي سيدهءِ ڪائنات سيده فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ عنہا جو يومِ وصال آهي-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيده فاطمه رَضِیَ اللہُ عنہا جو مختصر تعارف

سيدهءِ ڪائنات، سيده فاطمه رَضِیَ اللہُ عنہا اسان جي آقا ۽ مولا محمد مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون سڀ کان ننڍيون ۽ لاڏليون شهزاديون (*Princess*) آهن ۞ پاڻ مڪي مڪرمه ۾ پيدا ٿيون ۞ سندن نالو مبارڪ **فاطمه** الله پاڪ رکيو- **حديث پاڪ ۾ آهي**: بيشڪ منهنجي ڌيءُ جو نالو الله پاڪ فاطمه رکيو آهي ڇو ته الله پاڪ هِن کي جهنم کان پري ڪري ڇڏيو آهي.[2] ۽ **هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي**: هِن جو نالو **فاطمه** رکيو ويو ڇو جو الله پاڪ هِن کي ۽ هِن سان عقيدت رکڻ وارن کي دوزخ کان آزاد ڪيو آهي.[3]

جو جانا خُلد میں ہو پائے زہرہ سے لپٹ جاؤ | جسے کہتے ہیں جنّت مُلک ہے خاتونِ جنّت کا[4]

---

1... وسائل بخشش، صفحه: 98-
2... سَبُلُ الْہدیٰ، ابواب: فضائل آل رسول، الباب التاسع، جلد: 11، صفحه: 52-
3...كَنْزُ الْعُمَّال، كتاب: الفضائل، جزء: 12، صفحه: 50، حديث: 34222-
4... ديوان سالڪ، صفحه: 33-

**بتول** ۽ **زهرا** سيده فاطمه رَضِیَ اللہُ عنہا جا مشهور لقب آهن، مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: پاڻ رَضِیَ اللہُ عنہا دنيا ۾ رهندي به دنيا کان الڳ هيون تنهنڪري مٿن **بتول** لقب پيو. [(1)] هڪ ٻئي مقام تي مفتي صاحب رَحمۃُ اللہِ عَلَیۡه لکيو آهي ته: پاڻ رَضِیَ اللہُ عنہا جنت جي مُڪڙِي هيون، سندن مان جنت جي خوشبو ايندي هئي جنهن کي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سِنگهندا هئا، تنهنڪري سندن لقب **زهرا** پيو يعني جنت جي مُڪڙِي. [(2)]

بتول و فاطمہ زہراء لقب اس واسطے پایا | کہ دُنیا میں رہیں اور دیں پتہ جنّت کی نگہت کا [(3)]

سيده فاطمه رَضِیَ اللہُ عنہا جو ظاهري وصال سرڪارِ عالي وقار، مالڪ و مختار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کان **6** مهينا پوءِ **3 رمضان ڪريم 11 هجري** ۾ ٿيو- سندن مزار مبارڪ جنت البقيع ۾ آهي. [(4)]

نبی کی لاڈلی، بیوی ولی کی، ماں شہیدوں کی | یہاں جلوہ نبوت کا، ولایت کا، شہادت کا

## سيده پاڪ مصطفيٰ آئينو آهن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت سيدهءِ ڪائنات رَضِیَ اللہُ عنہا تمام بلند شان واريون آهن، سندن بيشمار ڪمالات مان هڪ اهم ترين ڪمال هي به آهي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عنہا سيرت پاڪ ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جيئري جاڳندي تصوير هيون- مسلمانن جي پياري امي جان سيده عائشه صديقه طيبه طاهره رَضِیَ اللہُ عنہا فرمائن ٿيون:

مَا رَاَيْتُ اَفْضَلَ مِنْ فَاطِمَةَ غَيْرَ اَبِيْهَا

**ترجمو:** مان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان علاوه فاطمه رَضِیَ اللہُ عنہا کان وڌيڪ بهتر ڪو به نه ڏٺو- [(5)]

1… مرآۃالمناجیح،جلد:8، صفحہ:452، ملتقطاً.
2… مرآۃالمناجیح،جلد: 8، صفحہ:453 بتغیر قلیل.
3… دیوانِ سالک،صفحہ:33۔
4… شرح الزرقانی، الفصل الثانی، جلد:4، صفحہ:336۔
5… معجم اوسط،جلد: 2، صفحہ: 119، حدیث:2721۔

مَا رَاَيْتُ اَحَدًا قَطُّ اَصْدَقَ مِنْ فَاطِمَةَ غَيْرَ اَبِيْهَا

**ترجمو:** مان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان علاوه فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا کان وڌيڪ سچو ٻيو ڪنهن کي نہ ڏٺو. (1)

مَا رَاَيْتُ اَحَدًا اَشْبَهَ سَمْتًا وَدَلًّا وَهَدْيًا بِرَسُوْلِ اللّٰهِ فِيْ قِيَامِهَا وَقُعُوْدِهَا مِنْ فَاطِمَةَ بِنْتِ رَسُوْلِ اللّٰه

**ترجمو:** مون حضرت فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي کي هيئت (يعني ظاهري بناوت) سيرت ۽ صورت جي اعتبار کان ۽ اُٿڻ ۽ ويهڻ ۾ رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مشابہ (يعني ملندڙ جُلندڙ) ڪنهن کي نہ ڏٺو. (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سيدهٴِ ڪائنات جا 3 معمولات

## (١) سائل ۾ وقتن کان نہ کاڌو آهي...!

حضرت امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن اسان سيني گهر وارن کي هڪ وقت جي فاقي کان پوءِ کاڌو ميسر ٿيو تہ والد محترم (يعني حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ) ۽ ٻاءُ حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ مان کاڌو کائي چڪا هئاسين پر والده ماجده اجان نہ کاڌو هو- انهن اجان کاڌي ڏانهن هٿ وڌايو ئي هو تہ دروازي تي هڪ سائل صدا هنئي: اي رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شهزادي! مان 2 وقتن جو بکايل آهيان، مون کي کاڌو کارايو! والده محترمہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا کاڌي مان هٿ روڪي ورتو ۽ مون کي فرمايائون: وڃ هي کاڌو سائل کي ڏئي اچ! مون عرض ڪيو امي جان توهان بہ تہ کاڌو نہ کاڌو آهي- فرمايائون: مان هڪ وقت کان نہ کاڌو آهي پر سائل 2 وقتن کان نہ کاڌو آهي (تنهنڪري ان کي کاڌي جي وڌيڪ ضرورت آهي)، اِهو ٻڌي مان اتيس ۽ سائل کي کاڌو ڏئي ڇڏيو. (3)

بھوکے رہ کے خود اَوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابِر تھے محمّد کے گھرانے والے!

1... مسند ابی یعلی، مسند عائشہ، جلد: 4، صفحہ: 65، حدیث: 4698۔
2... ترمذی، ابواب المناقب عن رسول اللہ، باب فضل فاطمۃ، صفحہ: 871، حدیث: 3876۔
3... سیرت سیدہ فاطمۃ الزہرا، صفحہ: 131 بتغیر۔

## سخاوت جون مختصر فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! سيده فاطمة الزهرا رَضِیَ اللہُ عنہا ڪيترين صبر واريون، ڪيتري قدر سخاوت جو ذهن رکڻ واريون هيون- الله پاڪ ان سخي گهراڻي جي برڪت سان اسان گنهگارن کي به سخاوت جي توفيق نصيب فرمائي- پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: سخاوت جنت جي وڻن مان هڪ وڻ آهي، جنهن جون ٽاريون زمين ڏانهن جهڪيل آهن، جيڪو شخص انهن مان ڪنهن هڪ به ٽاريءَ کي پڪڙي وٺندو آهي، اُها اُن کي جنت ڏانهن وٺي ويندي آهي. (1)

هڪ حديث شريف ۾ آهي: اَلْجَنَّةُ دَارُ الْاَسْخِيَاء يعني جنت سخين جو گهر آهي-(2)

## ماهِ رمضان سخاوت جو مهينو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! رمضان ڪريم جون مبارڪ گهڙيون هلي رهيون آهن، پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رمضان ڪريم جي معمولات مان هي به آهي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان ۾ تمام گهڻي سخاوت فرمائيندا هئا، روايتن ۾ ايتري تائين موجود آهي ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان ۾ تيز هوا کان به وڌيڪ سخاوت فرمائيندا هئا- ڪائنئن جيڪو ڪجهه گهريو ويندو هو، اُهو عطا فرمائي ڇڏيندا هئا-(3)

سُبْحٰنَ الله! اسان کي به رمضان ۾ پنهنجي سخاوت وڌائي ڇڏڻ گهرجي، پهريان جيترو راهِ خدا ۾ ڏيندا هئاسين، **رمضان ڪريم** ۾ ان کان وڌيڪ ڏيون، اسان جي معاشري ۾ غريبن جي ڪمي نه آهي، ڪيترائي يتيم، مسڪين، غريب ويچارا اهڙا هوندا جن جون سحريون افطاريون پاڻي سان ٿي رهيون هونديون، کجور خريد ڪرڻ جي به طاقت ٿي سگهي ٿو ته ڪين نه هجي، مٿان وري **رمضان شريف** کان پوءِ عيد به تشريف کڻي ايندي آهي، ويچارا

---

1... شعب الايمان ، باب فى الجودو السخاء ،جلد:7، صفحہ:434،حديث :10875۔
2... فردوس الاخبار،جلد:1، صفحہ:333،حديث :2430۔
3...الطبقات الکبریٰ ،جلد:2، صفحہ:150۔

غريب سني نموني روزا رکي سگهن، سحري افطاري ۾ انهن جو بہ دسترخوان سَجي، انهن کي بہ الله پاڪ جون پيدا ڪيل نعمتون کائڻ جو موقعو ملي ۽ عيد بہ چڱيءَ طرح گذاري سگهن، تنهنڪري ماهِ رمضان ۾ دل کولي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ گهرجي-

## هڪ افطاري غريبن سان گڏ

صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما جي عادت مبارڪ هئي تہ پاڻ افطاري هميشہ مسڪينن سان گڏجي ڪندا هئا. (1)

سُبْحٰنَ الله! اسان بہ نيت ڪري وٺون، وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ افطاري تہ ڪنهن غريب سان ڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي دل جوئي ٿيندي، سندس دل مان دعائون نڪرنديون تہ اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان جو بيڙو پار ٿي ويندو-

مِلا ہے زَر تو غریبوں کے کام بھی آؤ! | نہ جس سے خِدمتِ مخلوق ہو وہ دولت کیا ہے؟

## (2): سيده پاڪ ۽ تلاوت جي ڪثرت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت فاطمة الزهرا رَضِیَ اللّٰہُ عنہا جي پاڪ سيرت ۾ هي بہ آهي تہ پاڻ تمام گهڻي تلاوت ڪنديون هيون- حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مان هڪ ڀيري حضور پرنور، شافع يوم النشور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪم سان سيده فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا جي خدمت ۾ حاضر ٿيس- مون ڏٺو تہ حضرات حسنين ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ عنہما سُتا پيا هئا ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا انهن کي وهنجڻو هڻي رهيون هيون ۽ زبان مان ڪلامِ الٰهي جي تلاوت جاري هئي- هي ڏسي مون تي هڪ خاص رقت واري حالت طاري ٿي وئي-(2)

## ڪثرت سان تلاوت ڪندا ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! ماهِ رمضان قرآن جي نازل ٿيڻ جو مهينو آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي معمولات مان آهي تہ رمضان

---

1... لطائف المعارف، صفحہ:233-

2... سفينۃ نوح، صفحہ: 35، حصہ:2-

۾ تلاوت جي تمام گهڻي ڪثرت فرمائيندا هئا- اهڙي طرح الله پاڪ جا نيڪ ٻانها عام ڏينهن ۾ تہ تلاوت ڪندا هئا، پر **رمضان ڪريم** ۾ سندن شوقِ تلاوت اجان وڌي ويندو هو- ❁ڪجهہ اولياءِ ڪرام **رمضان ڪريم** ۾ 3 راتين ۾ هڪ ختم پاڪ پورو ڪندا هئا- ❁حضرت اَسود رَحمۃُ اللهِ عَلَيْه **رمضان ڪريم** ۾ هر 2 راتين ۾ هڪ پيرو قرآن ڪريم ختم ڪندا هئا ❁امام نخعي رَحمۃُ اللهِ عَلَيْه جو معمول مبارڪ هي هو تہ پاڻ **رمضان ڪريم** جي پهرين 20 ڏينهن ۾ هر 3 ڏينهن ۾ هڪ ختمِ قرآن فرمائيندا هئا ۽ آخري عشري ۾ هر 2 راتين ۾ هڪ پيرو ختم پاڪ فرمائيندا هئا- ❁حضرت قتاده رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هميشہ (يعني سال جي عام ڏينهن ۾ بہ) 7 ڏينهن ۾ هڪ ختم پاڪ پورو ڪندا هئا پر جڏهن **رمضان ڪريم** ايندو هو تہ سندن تلاوت جو شوق اجان وڌي ويندو هو ۽ پاڻ هر 3 ڏينهن ۾ هڪ ختم پاڪ پورو ڪندا هئا، پوءِ جڏهن آخري ڏهاڪو ايندو هو تہ تلاوت جو ذوق اجان بہ وڌيڪ وڌي ويندو هو ۽ پاڻ روزانو هڪ ختم پاڪ پورو ڪندا هئا ❁امام شافعي رَحمۃُ اللهِ عَلَيْه **رمضان ڪريم** ۾ 60 دفعا قرآن پاڪ جو ختم پورو ڪندا هئا ❁۽ امام اعظم، امام ابو حنيفہ رَحمۃُ اللهِ عَلَيْه جي چا ڳالهہ ڪجي پاڻ رَحمۃُ اللهِ عَلَيْه **رمضان ڪريم** ۾ 61 دفعا قرآن ڪريم جو ختم فرمائيندا هئا.[(1)]

ڪاش! اسان کي بہ توفيق ملي، اسان بہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون-

ہر روز میں قرآن پڑھوں کاش! خدایا | اللہ! تلاوت میں مرے دِل کو لگا دے

سيده پاڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنہا جي صدقي اسان بہ تلاوتِ قرآن جي نيت ڪريون- وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هيءَ نيت تہ ڪري ونون تہ هن پيري رمضان شريف ۾ هڪ قرآن ڪريم مڪمل ختم ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين- الله پاڪ توفيق بخشي، جيڪڏهن اسان روزانو هڪ سيپارو بہ تلاوت ڪريون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هڪ قرآن مڪمل ٿي ويندو-

---

1... لطائف المعارف،وظائف شہر رمضان المعظم،صفحہ:237۔

## (3): سيده ءِ ڪائنات ءِ شبِ بيداري

حضرت علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحمةُ اللهِ عَلَيه **مدارج النبوت** ۾ نقل فرمائن ٿا: نورِ نظرِ مصطفيٰ، دلبرِ علي المرتضيٰ، راحتِ فاطمة الزهرا حضرت حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنهُ فرمائن ٿا تہ مون پنهنجي والده ماجده حضرت فاطمة الزهرا رَضِيَ اللهُ عَنها کي ڪيترائي پيرا ڏٺو تہ پاڻ رات جو مسجدِ بيت (يعني گهر ۾ نماز پڙهڻ جي مخصوص جاءِ) جي محراب ۾ نماز پڙهنديون رهنديون هيون، ايسيتائين جو فجر جي نماز جو وقت ٿي ويندو هو-[1]

وہ شب بیدار، وہ صرفِ رکوع و سجدۂ پیہم | وہ جن کی ذات پہ نازاں حضور رحمتِ عالم

**وضاحت:** حضرت فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنها راتين جون راتيون عبادت ڪرڻ واريون، لڳاتار سجدن ۽ رڪوع ۾ مشغول رهڻ واريون آهن، رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي انهن تي ناز آهي-

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي سيده خاتونِ جنت رَضِيَ اللهُ عَنها جو- ڪاش! سيده پاڪ رَضِيَ اللهُ عَنها جي صدقي اسان کي بہ راتين جون راتيون جاڳي عبادت ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿي وڃي.

## (3) شب بيداري ڪرڻ وارن جي لاءِ انعامات

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّ طَمَعًا ٘ وَّ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۱۶﴾ (پارو: 21، سورة سجده: 16) | ترجمو ڪنزالعرفان: انهن جا پاسا سندن سمهڻ جي جاين کان جدا هوندا آهن ۽ اهي ڊڄندي ۽ اميد ڪندي پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ۽ اسان جي ڏنل مان خيرات ڪندا آهن- |

هي ڪامل ايمان وارن جون وصفون ۽ انهن جي جزا جو بيان آهي- فرمايو ويو: **(1):** ڪامل ايمان وارا ماڻهو نماز سان محبت ڪرڻ وارا هوندا آهن ۽ نماز پڙهڻ خاطر رات جو سمهندا نہ آهن بلڪ نمازون پڙهندا رهندا آهن

1... مدارج النبوت، قسم پنجم، در ذکرِ اولاد کرام، سیده فاطمة الزہرا، جلد: 2، صفحہ: 535 ـ

**(2):** ان سان ڳنڍوڳنڍ مخلوقِ خدا سان بہ محبت ڪندا آهن، بکايلن کي کاڌو کارائيندا آهن، غريبن جي مدد ڪندا آهن، بي سهارن جو سهارو بڻجندا آهن **(3):** ان کان علاوه الله پاڪ کان ڊڄندا بہ رهندا آهن **(4):** ۽ ان جي رحمت ۾ اميد بہ لڳائي ويٺا هوندا آهن-

اهڙي شان وارا جيڪي ڪامل ايمان وارا آهن، انهن کي ڪهڙو انعام ملندو؟ فرمايو ويو:

فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِیَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْیُنٍۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ۝۱۷

(پاره :21 ،سورۂ سجده:17)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ڪنهن ساهہ کي معلوم ناهي اُها اکين جي ٺڌاڻ جيڪا انهن جي لاءِ انهن جي عملن جي بدلي ۾ لڪائي رکي آهي.

يعني انهن سخي، نيڪ ۽ شب بيدار ايمان وارن لاءِ جنت ۾ اهڙيون نعمتون تيار ڪيون ويون آهن جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن کي انهن نعمتن جو تفصيلي علم آهي- **بخاري شريف** جي حديث پاڪ ۾ آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

أَعْدَدْتُ لِعِبَادِيَ الصَّالِحِينَ مَا لَا عَيْنٌ رَأَتْ وَلَا أُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلَى قَلْبِ بَشَرٍ

**ترجمو:** مون پنهنجن نيڪ ٻانهن جي لاءِ اُهي نعمتون تيار ڪري رکيون آهن جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي، نہ ڪنهن ڪن انهن جو ذڪر ٻڌو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جو خيال آيو آهي-[(1)]

## شب بيداري جي فضيلت متعلق حديثون

پيارا اسلامي ڀائرو! عام ڏينهن ۾ بہ اسان کي رات عبادت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، هاڻي تہ **ماهِ رمضان** آهي! نيڪين جو مهينو آهي، هاڻي بہ جيڪڏهن شب بيداريون ڪري عبادت ۽ رياضت نہ ڪنداسين تہ پوءِ ٻيو ڪهڙو موقعو ملندو؟ ڪهڙي وقت شب بيداري ڪنداسين؟

1... بخاری ،کتاب التفسیر،باب فلاتعلم نفس ما اخفی لہم ،صفحہ:1215،حدیث :4779۔

﴾پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انسانو! سلام کي عام ڪريو! ماڻهن کي کاڌو کارايو! ۽ جڏهن ماڻهو سُتل هجن ته نماز پڙهو! توهان سلامتي سان جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ-[1] ﴾ هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: منهنجي اُمت جا وڏيڪ شرف وارا ماڻهو اهلِ قرآن ۽ اَصۡحابُ اللَّيۡل (يعني رات جو عبادت ڪرڻ وارا) آهن-[2] حديث پاڪ ۾ آهي: اهي ٻه رڪعتون جيڪي ٻانهو رات جي وچ ۾ ادا ڪندو آهي، ان جي لاءِ دنيا و ما فيها (يعني جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي) کان بهتر آهن، جيڪڏهن مان پنهنجي امت تي ان کي مشڪل نه ڄاڻان ها ته مٿن اهي (رڪعتون) فرض ڪري ڇڏيان ها-[3]

## اللّٰه وارَن جون شب بيداريون

پيارا اسلامي ڀائرو! شب بيداري اهلِ عشق و محبت ۽ اولياءُ الله جو طريقو آهي، اسان جا اسلاف، بزرگانِ دين ۽ الله پاڪ جا نيڪ ٻانها پوري پوري رات عبادت ۾ گذاريندا هئا- ﴾حضرت حماد بن ابي سليمان رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: امام اعظم ابو حنيفه رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه سڄي رات جاڳي عبادت ڪندا هئا- حضرت علي بن يزيد صدائي رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته مون امام اعظم ابو حنيفه رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه کي ڏٺو ته اُهي **رمضان ڪريم** ۾ **60** پيرا قرآن ڪريم ختم فرمائيندا هئا روزانو ڏينهن ۽ رات ۾ هڪ هڪ دفعو.[4] ﴾حضرت ثابت بناني رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه **50** سال مسلسل شب بيداري ڪندا رهيا، جڏهن سحري جو وقت ٿيندو هو ته هن طرح دعا ڪندا هئا: اي الله پاڪ! جيڪڏهن تون پنهنجي مخلوق مان ڪنهن کي قبر ۾ نماز ادا ڪرڻ جو شرف عطا فرمايو آهي ته مون کي به عطا فرمائجانءِ- الله پاڪ سندن اِها دعا قبول فرمائي، انهن جي قبرِ انور مان تلاوت جو آواز ايندو هو.[5] ﴾حضرت رابعه بصريه رَحمةُ اللهِ عَلَيۡها **50** سال ائين گذاريا جو ڪڏهن وِهاڻي تي

---

1... مصنف ابن ابی شیبہ،کتاب الاوائل ،باب اول ما فعل ،جلد:8،صفحہ:338،حدیث :115ملتقطاً۔
2... شُعَبُ الایمان ،باب فی تعظیم القرآن ،جلد:2،صفحہ:556،حدیث :2703۔
3... الزہد لابن المبارک، جزء :10، صفحہ:364 حدیث:1289 ۔
4... حکایتیں اور نصیحتیں ،صفحہ:326۔
5... اللہ والوں کی باتیں، جلد:2،صفحہ:489 ۔

متو نہ رکيائون، پاڻ سڄي رات نماز پڙهنديون رهنديون هيون ۽ جڏهن فجر جو وقت ويجهو ٿيندو هو تہ ٿوري دير جي لاءِ مصلي تي ئي ليٽي پونديون هيون، پوءِ بيدار ٿي چونديون هيون: اي نفس! تون ڪيترو سمهندين؟ ۽ ڪڏهن جاڳندين؟ [(1)] ❁عظيم تابعي بزرگ حضرت اويس قرني رَحمۃُ اللہِ عَلَیْہ جي عادت مبارڪ هئي تہ پاڻ رات جو اُٿندا هئا ۽ چوندا هئا: اڄ قيام جي رات آهي، پوءِ سڄي رات قيام ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، ٻي رات ايندي هئي تہ چوندا هئا: اڄ رڪوع جي رات آهي، پوءِ ساري رات رڪوع ۾ گذاري ڇڏيندا هئا، ٽين رات چوندا هئا: اڄ سجدي جي رات آهي ۽ سموري رات سجدي ۾ ئي گذاري ڇڏيندا هئا.[(2)]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! اِهي آهن الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، جيڪي ڏينهن رات عبادت تي سندرو ٻڌي بيٺا هوندا هئا، هاءِ! هڪ اسان آهيون، جيڪي رمضان مبارڪ جي هن عبادت ۽ رياضت جي موسمِ بهار ۾ بہ عبادت نہ ٿا ڪري سگهون، هاءِ افسوس! ڪيترائي اهڙا آهن جن جون رمضان جون راتيون فضوليات ۾ گذري وينديون آهن❁ ماڻهو وقت گذارڻ جي لاءِ گهٽين ۾ ڪيڏي رهيا هوندا آهن ❁ ڪو فضول گفتگو ۾ مشغول هوندو آهي ❁ تہ ڪو سوشل ميڊيا (*Social media*)جو اجايو استعمال ڪندي ڪندي رات گذاري ڇڏيندو آهي ❁ ۽ ڪيترا تہ اهڙا نادان بہ آهن جن جون رمضان جون راتيون بہ گناهن ۾ گذري وينديون آهن- اي! ڪاش! اسان کي ماهِ رمضان جو قدر نصيب ٿي وڃي! ڪاش! اسان بہ نيڪ ماڻهن جيان دل لڳائي عبادت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون-

عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی!
بنادے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ | گناہوں سے ہردم بچا یاالٰہی!
مِرے دل سے دنیا کی چاہت مٹا کر | کر اُلفت میں اپنی فنا یاالٰہی!

---

1... صراط لجنان، پاره:19، سورة فرقان، زيرآيت:64،جلد:7، صفحہ:53بتغير قليل ـ
2... تفسير روح البيان ،پاره :21،سورة سجده،زير آيت:16،جلد:7 ،صفحہ:121ـ

## تهجُد جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! رات جي عبادتن مان هڪ عظيم عبادت تَهَجُّد جي نماز بہ آهي. هيءَ نماز پنهنجي رب سان محبت، عاجزي ۽ اخلاص جو هڪ عملي اظهار آهي. تَهَجُّد جا لمحا اهي گهڙيون آهن جن ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن ۽ گناهن جي بخشش جا دروازا کلندا آهن. تنهنڪري رمضان ڪريم ۾ خاص طور تي تَهَجُّد جو بہ اهتمام فرمايو. ۞ نوافل ۾ سڀ کان افضل نماز صَلاةُ اللَّيْل (تَهَجُّد جي نماز) آهي.[1] ۞ هيءَ نماز رب جو قرب ڏياريندي، گناهہ متائيندي آهي ۽ گناهن کان بچائيندي آهي.[2] ۞ راتين جو نماز پڙهڻ وارا بغير حساب جي جنت ۾ داخل ٿيندا.[3] ۞ ياد رکو! تَهَجُّد لاءِ سمهڻ شرط آهي (چاهي ڪجهه دير لاءِ ئي هجي)، جو تہ ان ڪانسواءِ اها نماز تَهَجُّد نہ سڏبي.[4] الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيده خاتونِ جنت رَضِیَ اللّٰہُ عنہا جا 3 اعليٰ اوصاف ٻڌا
۞ پاڻ تمام گهٽيون سخاوت ڪرڻ واريون ۞ تمام گهڻي تلاوت ڪرڻ واريون
۞ ۽ سڄي سڄي رات عبادت ۾ گذارڻ واريون هيون-
ڪاش! ماهِ رمضان ۾ ۽ ان کان علاوه بہ اسان کي اِهي ٽئي اعليٰ وصف نصيب ٿي وڃن- اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم-

## اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! رمضان شريف اچي ويو آهي- رمضان جي هڪ اهم ترين عبادت اعتڪاف بہ آهي- اعتڪاف ڪرڻ اسان جي آقا و مولا، تاجدار انبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند هو-

---

1... مسلم، كتاب الصيام، باب فضل صوم المحرم، صفحہ:424، حديث:1163۔
2... ترمذى، كتاب الدعوات، باب فى دعاء النبى، صفحہ:811، حديث:3549۔
3... شعب الايمان، كتاب الصلوة، فصل تحسين الصلاة...الخ، جلد:3، صفحہ:169، حديث:3244۔
4... مراة المناجيح، جلد:2، صفحہ:246 بتغيرقليل۔

اعتڪاف جون وڏيون فضيلتون آهن: ❁مسلمانن جي پياري امي جان حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا کان روايت آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اِعۡتَکَفَ اِیۡمَانًا وَّاِحۡتِسَابًا غُفِرَ لَہٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِہٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناهہ بخشيا ويندا۔[1] ❁ هڪ ٻي روايت ۾ آهي: جنهن **رمضان ڪريم** ۾ **10** ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو اهو ائين آهي جڻ ان **2** حج ۽ **2** عمره ڪيا. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين جاين تي آخري ڏهاڪي جو اجتماعي سنت اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي، توهان بہ ڪوشش فرمايو! ان سان گڏوگڏ سڄي مهيني جو اجتماعي اعتڪاف بہ ڪرايو ويندو آهي. هن سال پوري پاڪستان ۾ **29** جاين تي جڏهن تہ سڄي دنيا ۾ **130** جاين تي پوري مهيني جو اعتڪاف ٿي رهيو آهي. ٿي سگهي تہ توهان بہ پنهنجي علائقي جي ويجهو واري مقام تي ٿيڻ واري سڄي مهيني جي اعتڪاف ۾ شرڪت فرمايو. الله پاڪ توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: شعبۂِ روحاني علاج

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: خَیۡرُ الدَّوَاءِ الۡقُرۡآنُ يعني بهترين دوا قرآن ڪريم آهي۔[3]

علامہ عبدالرؤف مناوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: قرآن ڪريم ۾ ڪجهہ اهڙيون آيتون آهن جيڪي خاص مرضن ۽ مصيبتن جي خاتمي لاءِ آهن، انهن آيتن جي سڃاڻپ خاص ماڻهن کي هوندي آهي۔[4]

---

1... جَامع صغير، صفحہ:516، حديث:8480۔
2... جَامع صغير، صفحہ:516، حديث:8479۔
3... ابن ماجہ،ڪتاب الطب،باب الاستشفاء بالقرآن،صفحہ:؟؟؟،حديث:3501۔
4... فيض القدير،جلد:3، صفحہ:628۔

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل اُمت جي خيرخواهي جي لاءِ هڪ شعبو **روحاني علاج** جي نالي سان قائم ڪيو آهي-

هن شعبي تحت پريشان حال مسلمانن ڪي ❁بيمارين ❁ قرضن ❁ ۽ گهريلو ناچاقين وغيره کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ في سبيل الله قرآن و حديث ۽ بزرگن جي معمولات تي مشتمل ورد ۽ وظيفا ڏنا ويندا آهن ۽ استخارو به ڪيو ويندو آهي-

الحمدلله! هن شعبي جي تحت تقريبن 3 هزار 700 کان وڌيڪ بستا اوراد، وظائف ۽ استخاري لاءِ لڳايا ويندا آهن، جتان ماهوار تقريباً 8 لک 75 هزار ماڻهو في سبيل الله اوراد و وظائف حاصل ڪندا آهن ۽ استخارو ڪرائيندا آهن. ڪنهن به پريشانيءَ جي صورت ۾ پاڻ به روحاني علاج جي بستي تان تعويذات ۽ وظيفا حاصل ڪريو ۽ پريشان حال اسلامي ڀائرن ڪي به ان جي ترغيب ڏياريو. آن لائن استخاره جو نمبر نوٽ ڪري ڇڏيو:

**0213-717171-1**

## ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ خصوصي طور تي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ العالیہ مدني چينل تي روزانو عصر جي نماز ۽ تراويح جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪري جي ذريعي سوالن جا جواب عنايت فرمائيندا آهن. سمورا ذميوار ۽ عاشقانِ رسول انهن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ به شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي پڻ ان جي دعوت ڏين. ❁ شيخِ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ **دِيني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **رمضان ڪريم جي سجاوٽ** جو اعلان ڪيو ويندو- هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان به شيئر (Share) ڪيو! ❁مڪتبة المدينہ پيش ڪري رهيو آهي تمام

پيارو رسالو: **انوارِفيضان رمضان**- هن رسالي ۾ ❁ ماهِ رمضان جي فضيلتن ❁برڪتن ❁ روزي جي فضيلتن ❁ سحري ۽ افطاري جا مسنون اعمال ❁ شبِ قدر جي عظمت ۽ عبادتن جا فائدا بيان ڪيا ويا آهن- توهان هي رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **25 روپين** ۾ قيمتا ڏئي طلب فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ دعوت ڏيو!

❁آمدِ رمضان جي خوشي ۾ پنهنجن گهرن، آفيسن، دڪانن، محلن، مسجدن وغيره کي سجائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ تان دلڪش ڊيزائن وارا پينا فليڪس ۽ ديده زيب سجاوٽي جهنڊيون خريد فرمايو-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت **80** کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

❁**1500** کان وڌيڪ **جامعات المدينہ** (گرلز اينڊ بوائز)، **19 هزار900 مدارس المدينہ** (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن. ❁جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ طلبا جو مجموعي تعداد تقريباً **5 لک 69 هزار** آهي. ❁ فيضان اسلامڪ اسڪول، دارالمدينہ (اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي) جو تعداد **299** آهي، جڏهن تہ شاگردن ۽ شاگرداڻين جو تعداد **54 هزار** کان وڌيڪ آهي- ديني لٽريچر جي اشاعت جي لاءِ اشاعتي ادارو **مڪتبة المدينہ** قائم ڪيو ويو آهي- جنهن تحت سوين ڪتاب لکن جي تعداد ۾ ڇپجي چڪا آهن-

**توهان بہ خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو. توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز ديني،**

اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو ته جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو- تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو-(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڏاڙهي رکڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مُڇيون ڪترايو ڏاڙهيون وڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو! (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ هميشه هڪ مُٺي جي مقدار رهندي هئي ❁ جيڪڏهن هڪ مُٺي جي مقدار کان وڌي ويندي هئي ته گهٽ ڪرائيندا هئا ❁ رسول ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني مُبَارڪ کي پري ڍڪيندي هئي- (انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصۃً)

1... تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343-
2... مسلم، کتابُ الطہارت، باب:خِصَالُ الْفِطرَة، صفحه:153، حديث:257-

✿ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ مڇيون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ✿ بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مُٺي کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي. (بهارِ شريعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔)

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ لاءِ مکتبة المدينہ جي "بهارِ شريعت" جلد:3، حصو:16 ۽ امير اهل سنت مولانا الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد فرمايو ۽ پڙهو! سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| رَبّ کے در پر جھکیں التجائیں کریں | بابِ رحمت کُھلیں قافلے میں چلو |
| عاشقانِ رسول ان سے رحمت کے پھول | آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## ﴿2﴾ سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانی، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (1)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَكَ یَوۡمَ الۡقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (2)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھۡلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (3)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللہُ الۡحَلِیۡمُ الۡكَرِیۡمُ، سُبۡحٰنَ اللہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِیۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (4)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
4 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455